

سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جوجدول

# پنجن ئي نمازن کان پوءِ
# وظائف پڙهڻ

9 اپريل 2026

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

(1): مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ (2): دُعا ياد ڪرڻ: 5 منٽ

(3): فڪرِ مدينہ: 5 منٽ ڪُل وقت: 15 منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **مُسلمانن ڪي سلام ڪرڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **آئينو ڏسڻ وقت پڙهڻ جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

# پنجن ئي نمازن کان پوءِ وظائف پڙهڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان پنهنجي محفلن کي مون تي درود پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 5

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي فضل سان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ روحاني ترقيءَ لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ ”نيڪ اعمال“ جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اج اسان ”72 نيڪ اعمال“ جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 5 جي باري ۾ سکنداسين.

---

1… مسند الفردوس ، جلد:2، صفحہ:291،حديث:3330۔

نيڪ عمل نمبر 5: ڇا اڄ توهان پنجن ئي نمازن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو آيت الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيح فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا پڙهي؟

# آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

فَاِذَا قَضَیْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهي وٺو تہ الله ڪي ياد ڪيو. (پ:18،النور :61)

هڪ قول جي مطابق هتي نماز مان پنجئي فرض نمازون مراد آهن، يعني جڏهن توهان نماز ادا ڪري وٺو تہ ان کان پوءِ بہ الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهو. ان ذڪر ۾ حمد، تسبيح، تڪبير، تهليل ۽ تلاوتِ قرآن سميت هر قسم جو ذڪر شامل آهي.(1)

## نماز کان پوءِ آية الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيح فاطمہ پڙهڻ جا فضائل

آية الڪرسي پڙهڻ جا فضائل: ۞ نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهڻ وارو ايندڙ نماز تائين الله پاڪ جي ذمہ ڪرم ۾ رهندو آهي.[2] ۞ هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهڻ وارو الله پاڪ جي راهہ ۾ وڙهندڙ (مجاهد) وانگر آهي.[3] ۞ هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهڻ وارو مرڻ کان فوراً پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندو.[4]

سورة الاخلاص پڙهڻ جا فضائل:۞ هر نماز کان پوءِ 10 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهڻ

1... تفسير نعيمي،پاره :5،سورة النساء ،زير آيت :103،جلد:5،صفحہ:430،ملخصًا۔
2 معجم ڪبير ،جلد:2،صفحہ :213،حديث:2667۔
3 ڪنز العمال ،ڪتاب الاذڪار ،جلد:1،جز:1،صفحہ:284،حديث:2574،ماخوذاً۔
4معجم ڪبير ،جلد:4،صفحہ :260،حديث:7408۔

الله پاڪ جي رضا ۽ مغفرت (بخشش) کي لازم فرمائي ڇڏيندو آهي.[1] ۞ هر نماز کان پوءِ سورة الاخلاص پڙهڻ وارو مرڻ کان فوراً پوءِ جنت ۾ داخل ٿيندو.[2] ۞ هڪ ڀيرو سورة الاخلاص پڙهڻ ٽيائي (One Third) قرآن پاڪ پڙهڻ جي برابر آهي.[3] ۞ 10 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهڻ واري لاءِ جنت ۾ هڪ محل تعمير ڪيو ويندو آهي، 20 ڀيرا پڙهڻ واري لاءِ 2 محل، ۽ 30 ڀيرا پڙهڻ واري لاءِ 3 محل تعمير ڪيا ويندا آهن.[4]

**تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ جا فضائل:** هر نماز کان پوءِ تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ وارو خساري (نقصان) ۾ ناهي رهندو.[5] ۞ هر نماز کان پوءِ تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ واري جا گناهہ معاف ڪيا ويندا، توڙي جو اهي سمنڊ جي گَجَ جي برابر ئي ڇو نہ هجن.[6]

## نماز کان پوءِ ذڪر ڪرڻ بابت احڪام

(1) هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ مستحب آهي.[7] (2) جن نمازن کان پوءِ سنتون ۽ نوافل آهن، انهن ۾ فرضن ۽ سنتن جي وچ ۾ گهٽو وقفو ڪرڻ سان سنتن جو ثواب گهٽجي ويندو آهي، تنهنڪري ظهر، مغرب ۽ عشاء ۾ ڊگها اذڪار، سنتون ۽ نوافل ادا ڪرڻ کان پوءِ پڙهيا وڃن.[8] (3) حديثن ۾ جن وظائف جو مخصوص تعداد ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن کي اوتري ئي تعداد ۾ پڙهيو وڃي، ڇوتہ انهن کي پڙهڻ جي جيڪا فضيلت آئي آهي، اها ان ئي تعداد سان خاص آهي.[9]

## نماز کان پوءِ وظائف پڙهڻ جي عادت بنائڻ جا طريقا

۞ ذڪرُ الله، خاص ڪري آية الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ جا

1 ڪنز العمال ،ڪتاب الاذڪار ،جلد:1،جز:1،صفحہ:298،حديث:2729۔

2 معجم ڪبير ،جلد:4،صفحہ :260،حديث:7408۔

3 بخاری ، کتاب فضائل القرآن ، باب فضل قل هو الله احد،صفحہ 1297 ،حديث: 5015،ملخصًا۔

4 مشكاة المصابيح ،کتاب فضائل القران ،جلد:1،صفحہ:669،حديث:2185۔

5 مسلم، کتاب المساجد... الخ، باب استجاب الذكر... الخ،صفحہ:219،حديث:596۔

6 مسلم، کتاب المساجد... الخ، باب استجاب الذكر... الخ،صفحہ:219،حديث:597۔

7 الدر المختار مع رد المحتار ،کتاب الصلاة ،باب الصفة الصلاة ،جلد:2،صفحہ:302 ۔

8 الدر المختار مع رد المحتار ،کتاب الصلاة ،باب الصفة الصلاة ،جلد:2،صفحہ:300۔ 301 ۔

9 بہارِ شريعت ،جلد:1،صفحہ:539۔

فضائل ۽ فائدا ذهن ۾ رکو ۞ نماز پڙهي هڪدم مسجد مان نڪرڻ بدران ڪجهه وقت مسجد ۾ ئي ويهي تسبيحِ فاطمه پڙهو ۞ روزانو پنهنجو جائزو وٺو ته اڄ ڪيترين نمازون آهن جن کان پوءِ تسبيح فاطمه ۽ آية الڪرسي پڙهي، جائزو وٺڻ جو بهترين طريقو ”نيڪ اعمال“ جو رسالو پرڻ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 5 جي مطابق پنجن ئي نمازن کان پوءِ وظائف پڙهڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي. نيت ڪريو ته روزانو هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيح فاطمه پڙهنداسين.اِنْ شآءَاللهُ الڪَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بجاهِ خاتمِ النبيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## آئينو ڏسڻ وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ حَسَّنْتَ خَلْقِيْ فَحَسِّنْ خُلُقِيْ

**ترجمو:** اي الله! تو منهنجي صورت ته چڱي بڻائي آهي منهنجا اخلاق به چڱا ڪري ڇڏ. (1)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي

1... الحصن الحصين، صفحه:102،المكتبة العصريه بيروت۔

ورتي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةُالْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟(26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰةُالَّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهه نہ ڪجهه وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت

تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيوءَ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن

ٻہ ڏينھن روزو رکيو؟ (63): ھفتيوار رسالو پڙھيو يا ٻڌو؟ (64): علائقائي دورو ڪيو (65): پھريان اچڻ وارن پر ھاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيھر ماحول سان وابستہ ڪيو؟